# ساس سٽي سکر. ڪام

# ھيٺن جو ھمدرد

## ليکڪ : عبدالرحمان جتوئي

## ڊجيٽل پبلشر

## سنڌي ادبي سنگت شاخ سٽي سکر

www.sascitysukkur.com     www.ebooks.sascitysukkur.com

# چيف ايڊيٽر



# عبداللطيف انصاري

0333.7146119

## هي ڪتاب، سنڌ جي وڏي ۾ وڏي ادبي سائيٽ

# وائيس آف سنڌ ڊاٽ نيٽ

## جي ٽورن سان پيش ڪجي ٿو.

# www.voiceofsindh.net

# فهرست


- غار جو سنگتي
- حلوي لاءِ بچت
- حضرت عمر فاروق رضي الله عنه ۽ شينهن
- يمن جون چادرون
- حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جو انصاف
- حضرت عثمان رضي الله عنه جي سخاوت
- حضرت عثمان رضي الله عنه جو کوھ خريد ڪرڻ
- حيا دار خليفو رضي الله عنه
- حضرت علي رضي الله عنه جي دانائي
- حضرت علي رضي الله عنه جي سخاوت
- حضرت علي رضي الله عنه جي ديانتداري
- وعدي وفائي
- هيٺن جو همدرد
- حضرت عمر رضي الله عنه ۽ عراق جو قاصد
- حضرت عمر رضي الله عنه ۽ پوڙهيءَ

# غار جو سنگتي

ڳالهه ٿا ڪن تہ جڏهن مڪي شريف ۾ مسلمانن جو تعداد وڌڻ لڳو تہ ڪافرن مسلمانن تي وڏيڪ سختيون ڪرڻ شروع ڪري ڏنيون. اهي ڪافر مِٺي مرسل ﷺ جن ۽ سندن جانباز ساٿين کي تمام گهڻو ايذائن پيا. جڏهن ڪافرن جون تڪليفون حد کان وڌي ويون تہ حضور ﷺ جن مسلمانن کي حڪم ڏنو تہ اهي مڪو ڇڏي مديني ڏانهن هجرت ڪري وڃن. اصحابن سڀني رضي الله عنه آهستي آهستي مديني ڏانهن وڃڻ شروع ڪري ڏنو. آخرڪار هڪ رات جو پاڻ ڪريم ﷺ جن مڪي شريف کان مديني شريف ڏانهن روانا ٿي ويا. سندن پيارو وست حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه بہ ساڻن گڏ هو.

ڪافرن حضرت محمد مصطفیٰ ﷺ جن جي گرفتاريءَ لاءِ وڏو انعام مقرر ڪيو. انعام حاصل ڪرڻ جي لالچ ۾ ڪيترائي ڪافر حضور ﷺ جي ڳولا لاءِ نڪري پيا، ان ڪري پاڻ سڳورن ﷺ مڪي کان ٻاهران ”ثور“ نالي هڪ غار ۾ پناه ورتي. حضرت ابوبڪر رضي الله عنه پهريائين پاڻ غار اندر وڃي ان کي چنڊي ڦوڪي صاف ڪيو. ان کان سواءِ غار جي سيني سوراخن کي بند ڪري ڇڏيائين تہ جيئن ڪو زهريلو جيت يا نانگ وغيره اندر نہ اچي. غار جو هڪ سوراخ رهجي ويو تہ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه ان تي پنهنجي ڪڙي رکي، ان کان پوءِ رسول ڪريم ﷺ جن کي اندر اچڻ لاءِ چيو. حضور ﷺ جن اندر ويا ۽ حضرت ابوبڪر رضي الله عنه جي هنج ۾ مٿو رکي سمهي پيا. جنهن سوراخ تي حضرت ابوبڪر رضي الله عنه پنهنجي ڪڙي رکي هئي، ان ۾ اتفاق سان هڪ وڏو نانگ رهندو هو. نانگ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه کي ڪڙيءَ ۾ ڏنگ هڻڻ لڳو. جنهن ڪري کين تمام گهڻو ايذاءُ ٿيو پر ان هوندي بہ پاڻ ڪڙي پري نہ ڪيائين تہ متان نانگ ٻاهر

اچي پاڻ ڪريمﷺ کي ڪو ايذاءُ نہ رسائي. نيٺ ڏنگ جي تڪليف سبب حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي اکين مان ڳوڙها ڳڙي پيا. جيڪي مِٽي مرسلﷺ جي منهن مبارڪ مٿان ڪِريا. پاڻﷺ سڄاڳ ٿيا ۽ حضرت ابوبڪر رضي الله عنه کان ان پريشانيءَ جو سبب پڇيو. حضرت ابوبڪر رضي الله عنه کين نانگ جي ڏنگڻ جو سربستو احوال ٻُڌايو. حضورﷺ جن پنهنجي وات مان لب مبارڪ ڪڍي نانگ ڏنگ واري جاءِ تي هڻئي تہ سموري تڪليف يڪدم ختم ٿي ويئي.

پيارا ٻارو! ڏسو! حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه کي پاڻ ڪريمﷺ جن سان ڪيڏي نہ محبت هئي. اسان کي بہ پنهنجي پياري پيغمبر حضرت محمد مصطفىٰﷺ جن سان ۽ ان جي آندل دين اسلام سان محبت رکڻ گهرجي.

# حلوي لاءِ بچت

ڳالھ ٿا ڪن تہ حضرت ابوبڪرؓ خليفي ٿيڻ کان اڳ ۾ ڪپڙي جو واپار ڪندو هو ۽ ان جي نفعي مان پنهنجو گذر ڪندو هو. خليفي ٿيڻ کان پوءِ بزرگ اصحابن پاڻ ۾ صلاح ڪري حضرت ابوبڪرؓ لاءِ سرڪاري خزاني مان پگھار مقرر ڪيو. پر پگھار ايترو تہ ٿورو هو جو ان مان هڪ عام رواجي ماڻهو جو گذر بہ ڏکيائيءَ سان ٿي سگھيو پئي. هڪ ڏينهن حضرت ابوبڪرؓ جي بيبي سڳوريءَ کين عرض ڪيو تہ ”منهنجي دل چاهي ٿي تہ جيڪر حلوو کائجي.“ اها ڳالھ ٻڌي حضرت ابوبڪرؓ وراڻيو تہ: ”مون کي سرڪاري خزاني مان جيڪو پگھار ملي ٿو تنهن ۾ ايتري گنجائش ئي نہ آهي جو حلوو تيار ٿي سگھي، ان ڪري حلوي کائڻ جو شوق ڇڏي ڏي.“

ڪجھ ڏينهن گذريا تہ هڪ ڏينهن حضرت ابوبڪرؓ جيئن ئي ماني کائڻ شروع ڪئي تہ بيبي سڳوريؓ دسترخوان تي حلوي جي ٿالهي آڻي رکي؛ حضرت ابوبڪرؓ حلوي کي ڏسي، عجب ۾ پئجي ويو ۽ يڪدم پنهنجيءَ گھرواريءَ کان پڇيائين تہ: ”اهو حلوو ڪٿان آيو؟“ بيبي سڳوريؓ وراڻيو تہ ”مان پنهنجي خرچ مان روزانو پائي پائي بچائيندي ويندي هيس. جڏهن ڪجھ پئسا گڏ ٿيا تہ ان مان سامان وٺي حلوو تيار ڪيم.“ اها ڳالھ ٻُڌي حضرت ابوبڪرؓ فرمايو ”ان جو مطلب آهي تہ سرڪاري خزاني مان اسان کي جيڪو پگھار ملي ٿو، ان کان ڪجھ گھٽ رقم ۾ بہ اسان جو گذران ٿي سگھي ٿو. ان کان پوءِ حضرت ابوبڪر صديقؓ پنهنجي پگھار مان اوتري رقم گھٽ ڪرائي جيتري رقم مان بيبي سڳوريؓ حلوو تيار ڪيو هو.

# حضرت عمر فاروق رضي الله عنه ۽ شينهن

حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جڏهن مسلمانن جو خليفو مقرر ٿيو ته سندس ناماچار ۽ مشهوري پري پري تائين وڃي پهتي. سندس دورِ خلافت ۾ ڪيترائي علائقا ۽ شهر فتح ٿيڻ لڳا. اها حالت ڏسي روم جي عيسائي بادشاه هرقل کي ڏاڍو ساڙ ٿيو ۽ حضرت عمر رضي الله عنه کي قتل ڪرڻ لاءِ طليحه نالي هڪ پهلوان روانو ڪائين. اهو پهلوان نهايت طاقتور ۽ ڏاڍو دلير هو. هرقل ساڻس انجام ڪيو ته ”جيڪڏهن تون مديني پهچي (حضرت) عمر کي قتل ڪندين ته توکي جهجهو انعام ڏيندس.

طليحه حضرت عمر رضي الله عنه کي قتل ڪرڻ لاءِ ٿهي سنبري تيز تلوار کڻي روم کان مديني طرف روانو ٿيو. اهو پهلوان جڏهن مديني جي ٻاهران پهتو ته ان وقت حضرت عمر رضي الله عنه هڪ بيوه زال جي باغ ڏسڻ لاءِ اوڏانهن وڃي رهيو هو. اهو پهلوان به چپ چاپ، لڪندو ڇپندو حضرت عمر رضي الله عنه جي ڪڍ روانو ٿيو. جڏهن پاڻ باغ وٽ پهتا ته اهو ڪافر پهلوان باغ جي هڪ گهاٽي وڻ جي مٿان چڙهي لڪي ويهي رهيو. حضرت عمر رضي الله عنه باغ جو معائنو پورو ڪري هڪ وڻ جي ڇانو هيٺان سمهيو، جنهن جي مٿان ڪافر پهلوان لڪو ويٺو هو. حضرت عمر رضي الله عنه کي جڏهن ننڊ وٺي ويئي ته ڪافر پهلوان ان موقعي کي غنيمت ڄاڻي، سائين جن کي قتل ڪرڻ جي ارادي سان وڻ تان هيٺ لهي آيو. جڏهن هن پنهنجي تلوار مياڻ مان ڪڍي ته ڇا ڏسي ته هڪ وڏو شينهن حضرت عمر رضي الله عنه جي پيرن وٽ ويٺو آهي. شينهن جي هيبت سبب پهلوان ڏڪڻ لڳو ۽ سندس تلوار هٿ مان ڇڏائجي هيٺ ڪري پيئي ۽ پاڻ بيهوش ٿي ويو. تلوار جي ڪرڻ جو آواز ٻُڌي حضرت عمر رضي الله عنه ننڊ مان سجاڳ ٿيو ته ان وقت شينهن غائب ٿي چڪو هو. حضرت عمر فاروق رضي الله عنه ڏٺو ته هڪ اوپرو ماڻهو ڌرتيءَ مٿان بيهوش ٿيو پيو آهي ۽ سندس پرسان اگهاڙي تلوار پيل آهي. ڪجهه دير کان پوءِ رومي

پهلوان کي جڏهن هوش آيو ته حضرت عمرؓ کانئس پڇيو ته: ”او ياءُ! تون ڪير آهين ۽ هتي ڇو آيو آهين؟“ ان ڪافر پهلوان وراڻيو ته ”اصل ڳالهه هن ريت آهي ته مان روم جي بادشاهه جي لالچائڻ تي توهان کي قتل ڪرڻ جي ارادي سان هتي آيو هوس. توهان کي قتل ڪرڻ لاءِ جڏهن اڳتي وڌيس ته مون کي هڪ تمام وڏو ۽ خوفناڪ شينهن نظر آيو جيڪو توهان جا پير چٽي رهيو هو. شينهن جي پوءِ کان تلوار منهنجي هٿ مان ڇڏائجي ويئي ۽ مان بيهوش ٿي هيٺ زمين تي ڪري پيس ۽ تلوار جي کڙڪي سبب توهان کي جاڳ ٿي پيئي.“ اها ڳالهه ٻُڌي حضرت عمرؓ کانئس پڇا ڪئي ته ”اهو شينهن هينئر ڪٿي آهي؟“ ان پهلوان جي جواب ڏيڻ کان اڳ ۾ وڻ جي مٿان غيبي آواز ٿيو ته ”اي عمرؓ! تون اسان جي دين جي خدمت ڪر، اسان تنهنجي جان جي حفاظت ڪنداسون.“

اهو آواز ٻڌي ڪافر پهلوان حضرت عمرؓ کي چيو: ”اي موٴمنن جا امير! مان پنهنجين اکين سان ڏٺو ته جهنگل جو شينهن تنهنجي چوڪيداري ڪري ٿو ۽ پهرو ڏئي ٿو. ان کان علاوه آسمان جا ملائڪ تنهنجي تعريف ڪن ٿا. ان مان ثابت ٿيو ته اسلام سچو ۽ پاڪ مذهب آهي، ان ڪري مان به اهو دين قبول ڪريان ٿو.“ ائين چئي ڪلمو پاڪ پڙهي مسلمان ٿي ويو.

# يمن جون چادرون

حضرت ابوبڪرصديقؓ جي وفات کان پوءِ حضرت عمر فاروقؓ مسلمانن جو خليفو مقرر ٿيو. اسلام جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ حضرت عمرؓ تمام گھڻو پاڻ پتوڙيو.

حضرت عمرؓ رعيت جو همدرد ۽ انصاف وارو خليفو هو. هن رعيت جي هر عام توڙي خاص ماڻهوءَ کي اها اجازت ڏئي ڇڏي هئي ته جيڪڏهن هو ڪو غلط ڪم ڪري ته ان تي ڪيس ٽوڪيو وڃي. هڪ ڏينهن حضرت عمرؓ تقرير ڪرڻ لاءِ مسجد نبويءَ ۾ اٿي بيٺو. پهريائين الله پاڪ جي تعريف، حضور سائينﷺ جن تي درود پڙهي پوءَ فرمايائين: ”ياڻرو! منهنجي ڳالهه ٻڌو ۽ ان تي عمل ڪريو.“ حضرت عمرؓ اهو جملو مس پورو ڪيو ته هڪ ڳوٺاڻو ماڻهو اٿي بيٺو ۽ رڙ ڪري چيائين ته ”اسان تنهنجي ٻُڌنداسون ۽ نه وري ان تي عمل ڪنداسون.“

ڪنهن ڪافر ملڪ جو بادشاهه هجي ها ته اهڙي ڳالهه ڪندڙ ماڻهو کي ان وقت ئي قتل ڪرائي ڇڏي ها. مگر حضرت عمرؓ ڳوٺاڻي جي ان ڳالهه تي بلڪل نه ڪاوڙيو بلڪ نرم نموني ان کان پُڇا ڪئي ته ”ادا، تو ڇا جي ڪري ائين چيو. ڇا مون کان توکي ڪا تڪليف پهتي آهي؟“

ان ماڻهو وراڻيو ”مان اهو ان ڪري چيو، ڇاڪاڻ ته تون انصاف ڪندڙ نه آهين.“ حضرت عمرؓ ان کان پُڇا ڪئي ته ”اهو وري ڪيئن، کولي ٻُڌاءِ.“ اهو ماڻهو چوڻ لڳو ته يمن مان جيڪي چادرون آيون هيون، انهن مان هر ماڻهوءَ کي هڪ هڪ چادر ملي هئي. توکي به پنهنجي حصي ۾ هڪ چادر ملي هئي. توکي هن وقت جيڪا قميص پاتل آهي اها هڪ

چادر مان ڪڍهن به تيار نه ٿي ٿي سگهي، ان جو مطلب ٿيو ته تو پنهنجي حصي کان وڌيڪ ڪپڙو ڪنيو آهي.“

ان جي اها ڳالهه ٻڌي به حضرت عمرؓ نه ڪاوڙيو، پر ڏاڍي آرام سان ان ماڻهو کي چيائين ته ”تنهنجي ان سوال جو جواب منهنجو پُٽ ڏيندو.“ حضرت عمرؓ جو فرزند اٿي بيٺو ۽ ان ماڻهو کي مخاطب ٿيندي چيائين ته ”تنهنجي اها ڳالهه بلڪل صحيح آهي ته منهنجي والد جي قميص هڪ چادر مان ٺهي نه پئي سگهي، ان ڪري مان پنهنجي حصي واري چادر به کيس ڏني هيم.“

اها ڳالهه ٻڌي ڪري ان ماڻهو کي دلجاءِ ٿي ۽ خوش ٿيندي چيائين ”اي عمرؓ! هاڻي اسان تنهنجي ڳالهه ٻڌنداسين ۽ ان تي عمل به ڪنداسون.

# حضرت عمر رضي الله عنه جو انصاف

حج جو موقعو هو. سيني صوبن جا گورنر موجود هئا. اميرالموءمنين حضرت عمر فاروق رضي الله عنه اعلان ڪيو ته:

”جيڪڏهن ڪنهن به صوبي جي گورنر ڪنهن سان ناانصافي ڪئي، ڪنهن تي ظلم ڪيو آهي، ڪنهن کي حق نه وٺي ڏنو آهي ته اهو ماڻهو هيڏانهن اچي ۽ پنهنجي شڪايت پيش ڪري.“ اهو اعلان ٻُڌندي ئي هڪ ماڻهو اٿيو ۽ چيائين ته: ”اي امير المومنين! مون کي مصر جي گورنر عمرو بن العاص کان اها شڪايت آهي ته هن مون کي بنان ڪنهن ڏوهه جي ڏهه ڦٽڪا هنيا آهن.“

اها ڳالهه ٻُڌي حضرت عمر فاروق رضي الله عنه حضرت عمرو بن العاص رضي الله عنه کي مخاطب ٿيندي فرمايو: ”عمرو! ڇا هن ماڻهو جي شڪايت درست آهي؟“ حضرت عمرو بن العاص رضي الله عنه ڪنڌ جهڪائيندي وراڻيو ته ”هائو سائين! ان ماڻهو جي شڪايت بلڪل درست آهي.“

”ته پوءِ تون ڦٽڪن کائڻ لاءِ تيار ٿي وڃ.“ حضرت عمر رضي الله عنه ڪاوڙ ڪندي فرمايو.

”يا امير المئومنين! اها ڳالهه سرڪاري ملازمين ۾ مايوسي پکيڙيندي جو هڪ صوبي جي گورنر کي ڪوڙا هنيا وڃن. آئنده لاءِ هر ڪو گورنر ۽ ٻين سرڪاري ملازمن تي جائز ۽ ناجائز الازم پيو مڙهيندو. ان ڪري حڪومت جي انتظام هلائڻ ۽ امن قائم رکڻ ۾ سخت ڏکيائي درپيش ايندي.“ حضرت عمرو بن العاص رضي الله عنه وقت جي خليفي کي انتظام ۽ سياست جو هڪ راز ٻڌائيندي چيو.

”حڪومت جو انتظام ظلم ۽ ڏاڍائي تي نہ پر عدالت ۽ انصاف تي قائم هوندو آهي. خود حضور اڪرمﷺ جن مظلومن ڪي قصاص وٺرائي ڏنو آهي.“ حضرت عمرؓ ڪاوڙيل آواز ۾ فرمايو.

”پلا جيڪڏهن مان فريادي ۽ کي راضي ڪريان تہ قصاص کان بچي سگهان ٿو؟“ حضرت عمرو بن العاص نرم آواز ۾ پڇا ڪئي.

”هائو جيڪڏهن اهو ماڻهو توکي معاف ڪري تہ پوءِ بيشڪ تون سزا کان بچي سگهين ٿو.“ حضرت عمرؓ پنهنجو فيصلو ڏيندي فرمايو. حضرت عمرو بن العاصؓ فريادي ۽ کي ٻہ اشرفيون في ڦٽڪي جي حساب سان معاوضو ڏيئي مس راضي ڪيو، تڏهن ڪوڙن کائڻ کان بچي ويو. هتي اها ڳالهہ ٻُڌائڻ تمام ضروري آهي تہ اهو فريادي ڪو مسلمان نہ هو بلڪ هڪ غير مسلمان هو.

پيارا ٻارو! اسلامي دور ۾ عدل ۽ انصاف جي بُنياد قانون جي حڪمراني ۽ بالادستي ۽ تي قائم هوندو هو. ان ۾ مسلمان ۽ غير مسلمان، امير ۽ غريب، پنهنجي ۽ پرائي، هيٺي ۽ ڏاڍي، حاڪم ۽ محڪوم، رعيت ۽ راجا جي وچ ۾ ڪوبہ فرق ۽ امتياز نہ هوندو هو. اسلامي دور جو اهو عدل ۽ انصاف ئي هو جنهن مسلمانن کي دنيا جي عظيم ترين قوم بنايو هو.

# حضرت عثمان رضي الله عنه جي سخاوت

ڳالھ ٿا ڪن تہ حضرت عمر رضي الله عنه جي خلافت جي زماني ۾ هڪڙي سال برسات نہ پيئي ۽ ملڪ ۾ ڏڪار پئجي ويو. اناج جي کوٽ سبب ملڪ جي بين ماڻهن وانگر مديني جا رهاڪو بہ سخت تڪليف ۾ هئا. ان زماني ۾ هڪڙو واپاري هزارين مڻ اناج جا ڪٽي مديني پهتو. حضرت عثمان رضي الله عنه کي جڏهن ان ڳالھ جو پتو پيو تہ ان واپاريءَ وٽ ويو ۽ ساڻس اگھ طئي ڪري سمورو اناج خريد ڪيائين. ماڻهن کي تہ اَن جي اڳيئي ضرورت هئي. جڏهن انهن کي خبر پيئي تہ حضرت عثمان رضي الله عنه سمورو اناج خريد ڪيو آهي، تڏهن اهي حضرت عثمان رضي الله عنه وٽ آيا ۽ اناج جي وڌي ٻها آڇيائون. حضرت عثمان رضي الله عنه چيو: ”توهان اَن جي جيڪا ٻها ڏيڻ چاهيو ٿا سا مون کي قبول نہ آهي. چو تہ مون کي ان کان وڌيڪ نفعو ٻئي واپاريءَ کان ملي رهيو آهي.“

ماڻهو اهو جواب ٻُڌي ڏاڍو حيران ٿيا تہ اِهو ڪهڙو واپاري آهي، جيڪو حضرت عثمان رضي الله عنه کي ايڏو وڏو نفعو ڏيئي رهيو آهي. ماڻهن کي اها پڻ سُڌ هئي تہ حضرت عثمان رضي الله عنه پنهنجي دولت دين جي ڪمن تي دل کولي خرچ ڪندو آهي ۽ ان کان سواءِ هو غريبن ۽ محتاجن جي هر ڪا مدد ڪندو آهي. اهو ڏڪر جي ڏکئي وقت ۾ گهٽي نفعي لاءِ چو سوچي رهيو آهي! جڏهن واپاري اَنُ خريد ڪرڻ کان سواءِ موٽي ويا تہ حضرت عثمان رضي الله عنه اَن جا پريل سيئي اُٺَ شهر جي چونڪ تي ڪاهرائي آيو ۽ اعلان ڪيائين تہ ”جنهن بہ ماڻهو کي اَن جي جيتري ضرورت هجي اهو هيڏانهن اچي مفت ۾ اَن وٺي وڃي.“ ان اعلان کان پوءِ ٿوري دير ۾ هزارين مڻ اَنُ غريب ۽ ضرورت مند ماڻهو وٺي پنهنجن گهرن ڏانهن روانا ٿيا.

حضرت عمرﷺ حيران ٿي ڪري حضرت عثمانﷺ کان پڇيو: ”توهان اهو ڇئي رهيا هئا ته اناج ان کي وڪرو ڪري ڏيندس جيڪو سڀ کان وڌيڪ نفعو ڏيندو. ان جي ابتڙ توهان ته سمورو اناج مفت ۾ ورهائي ڇڏيو؟“ حضرت عثمانﷺ وراڻيو ته ”مان جيڪي چيو هيم ائين ڪيم. مان اناج تي گهٽي کان گهٽو نفعو ڪمائڻ پئي گهريم. مون ان کي الله تعالىٰ جي ناليِ تي مفت ۾ ورهائي ڇڏيو آهي. هينئر الله پاڪ مون کي ”ڏهه دنيا ستر آخرت“ نفعو ڏيندو. توهان پاڻ اندازو لڳايو ته ٻيو ڪوبه واپاري مون کي ايترو نفعو ڏيئي سگهي ها؟“

حضرت عثمانﷺ جو اهو جواب ٻُڌي حضرت عمرﷺ دنگ رهجي ويو ۽ خوش ٿي ڪري چوڻ لڳو ”هائو! سچ پچ تو سڀ کان وڌيڪ نفعو ڪمائي ورتو.“

جڏهن حضرت عمرﷺ وفات ڪئي ته مسلمانن حضرت عثمانﷺ کي پنهنجو خليفو بڻايو. حضرت عثمانﷺ پنهنجي سموري دولت اسلام ۽ مسلمانن جي ڀلائيءَ تي خرچ ڪري ڇڏي.

# حضرت عثمان غنيؓ جو کوه خريد ڪرڻ

ڳالهه ٿا ڪن ته جڏهن اسان جو پيارو نبيﷺ ۽ سندن وفادار دوست ڪافرن جي تڪليفن ۽ ظلمن کان تنگ ٿي مڪي کان هجرت ڪري مديني شريف آيا ته ان شهر جي اڪثر آبادي يهودين جي هئي. اهي يهودي تعداد ۾ به وڌيڪ هُئا ته وري شاهوڪار به ڏاڍا هئا. مديني جون گهڻيون زمينون ۽ باغ سندن قبضي ۾ هئا. هوڏانهن مسلمان ويچارا ڏاڍا ڏتڙيل ۽ غريب هئا. وٽن پنهنجو هڪڙو به کوه نه هو جنهن مان هو پاڻي پري سگهن.

مديني جو سڀ کان وڏو ۽ سٺو کوهه هڪ يهودي جي ملڪيت هو. اهو يهودي اهڙو ته لالچي هو جو ڪنهن به مسلمان کي کوهه تان مفت پاڻي پرڻ نه ڏيندو هو. غريب ۽ مسڪين مسلمانن لاءِ اها وڏي تڪليف ۽ ڏکيائي هئي. اها حالت ڏسي حضور اڪرمﷺ جن ڪيس فرمايو: ”تون ماڻهن کان پاڻي پرڻ جا پئسا نه وٺندو ڪر. ان ڪري خدا توکان ڏاڍو راضي ٿيندو ۽ ان نيڪيءَ جو توکي سٺو بدلو ڏيندو.“

مگر ڪنجوس ۽ لالچي يهودي حضور سائينﷺ جن جي اها ڳالهه نه مڃي. جڏهن حضرت عثمانؓ کي ان ڳالهه جو پتو پيو ته پاڻ ان يهودي وٽ آيا ۽ ڪيس فرمايائون: ”جيڪڏهن تون نيڪي ڪمائڻ ٿو چاهين ته اهو کوهه مون کي وڪرو ڪري ڏي، مان توکي ان لاءِ سٺي رقم ڏيندس.“ يهودي کوهه جا ويهه هزار رپيا وٺڻا ڪيا. حضرت عثمانؓ خوشيءَ سان ويهه هزار رپيا يهوديءَ کي ڏنا.

حضرت عثمانؓ اهو کوهه خريد ڪري اعلان ڪرايو تہ ”اڄ کان وٺي هر ماڻهو هن کوهه مان مفت پاڻي ڀري سگهي ٿو، ماڻهن کان پاڻيءَ جي ڪابہ قيمت نہ ورتي ويندي“.

حضور اڪرم ﷺ جن کي جڏهن پتو پيو تہ حضرت عثمانؓ يهوديءَ کان اهو کوهه خريد ڪري مسلمانن لاءِ وقف ڪيو آهي تہ پاڻ ﷺ ڏاڍا خوش ٿيا ۽ حضرت عثمانؓ کي دعا ڪيائون.

# حيادار خليفو رضي الله عنه

حضرت عثمان غني رضي الله عنه اسلام جو ٽيون خليفو ٿي گذريو آهي. فضيلت جي لحاظ کان ڪيس نهايت بلند ۽ بزرگيءَ وارو درجو حاصل آهي. حضرت عثمان رضي الله عنه اسان جي آقا حضرت محمد مصطفیٰ صلي الله عليه وسلم جن جو نياٽو پڻ آهي. پيغمبر پاڪ صلي الله عليه وسلم جون ٻه نياڻيون بي بي رقيه رضي الله عنها ۽ بيبي ام ڪلثوم رضي الله عنها هڪ ٻئي پُٺيان سندس نڪاح ۾ آيون، جنهن ڪري حضرت عثمان رضي الله عنه کي ”ذوالنورين“ (ٻن نورن وارو) ڪوٺيو ويندو آهي. هڪ فضيلت جيڪا حضرت عثمان رضي الله عنه کي ٻين سمورن اصحابن سڳورن رضي الله عنهم کان ممتاز ڪري ٿي، اها آهي سندس حيا واري خصلت.

هڪ دفعي حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن پنهنجي گهر ۾ آرام فرمائي رهيا ايتري ۾ حضرت ابوبڪر رضي الله عنه آيو. رسول پاڪ صلي الله عليه وسلم جن ساڳئي نموني ليٽيا رهيا ۽ اهو سڳورو ساڻن گفتگو ڪري واپس هليو ويو. ٿوري دير مس گذري ته وري حضرت عمر فاروق رضي الله عنه آيو ۽ پيغمبر پاڪ سان ڳالهه ٻولهه ڪري موٽي ويو. ان کان پوءِ جڏهن حضرت عثمان غني رضي الله عنه آيو ته پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن اٿي ويهي رهيا ۽ پنهنجا ڪپڙا مبارڪ ٺيڪ ڪيائون. اها ڳالهه ڏسي بي بي عائشه صديقه رضي الله عنها پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم کي عرض ڪيو ته ”يا رسول الله صلي الله عليه وسلم! توهان ابوبڪر ۽ عمر رضي الله عنه لاءِ نه اٿيا، پر عثمان رضي الله عنه آيو ته اوهين چو اٿي ويٺا؟ پيغمبر پاڪ صلي الله عليه وسلم فرمايو ته ”ڇا مان اهڙي شخص جو حياءُ نه ڪريان، جنهن جو ملائڪ به حياءُ ڪن ٿا.“

حضرت علي رضي الله عنه جي هڪ خادم عبدِ خير کان روايت آهي ته هڪ دفعي مان حضرت علي رضي الله عنه کي وضو ڪرايو. حضرت علي رضي الله عنه خوش ٿيندي مون کي فرمايو ته ”اي عبدِ خير! مون کان پُڇا ڪر، جيڪو توکي پڇڻو هجي“ مان عرض ڪيو ته ”سائين! ڇا پڇان توهان پاڻ ئي ڪجھ

ڀڃايو.“ منهنجو اهو جواب ٻُڌي حضرت عليؓ فرمايو ”اي عبدِ خير! جهڙي نموني تو مون کي وضو ڪرايو، ساڳئي نموني مون به هڪ دفعي حضور اڪرم ﷺ جن کي وضو ڪرايو هو. وضو کان پوءِ مان کين عرض ڪيو ته: ”يا رسول الله ﷺ! قيامت جي ڏينهن سڀ کان پهريائين ڪنهن کي حساب ڪتاب لاءِ گهرايو ويندو؟“ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو ته پهريائين محمد ﷺ کي، پوءِ ابوبڪرؓ کي، پوءِ عمرؓ ۽ پوءِ عليؓ کي.“ اهو ٻڌي مان عرض ڪيو ته ”سائين! ڀلا عثمان بن عفانؓ کي نه گهرايو ويندو؟“ حضور سائينؓ جن فرمايو ته: ”جيئن ته عثمانؓ تمام گهڻو حيادار آهي، ان ڪري مان الله تعالىٰ کان دعا گهري هئي ته ڪيس حساب ڪتاب لاءِ نه بيهاريو وڃي. (بلڪ بنا حساب ڪتاب جي بهشت ۾ موڪليو وڃي). الله تعالىٰ منهنجي دعا قبول فرمائي (۽ قيامت جي ڏينهن عثمانؓ بنا حساب ڪتاب جي جنت ۾ موڪليو ويندو).

# حضرت علي رضي الله عنه جي دانائي

حضرت علي رضي الله عنه جي دورِ خلافت ۾ هڪ نوجوان حضرت علي رضي الله عنه کي دانهن ڏني ته ”منهنجو پيءُ فوت ٿي ويو آهي، صرف منهنجي ماءُ جيئري آهي. اسان جو ڏاڏنگ ۾ ڪوبه ويجهو مائٽ ڪونه آهي. آءُ جڏهن ننڍو هوس ته منهنجو پيءُ راهِ رباني وٺي ويو ۽ ماءُ مون کي پاليو. مان هينئر جوان ٿيو آهيان ۽ پنهنجي پيءُ جي ملڪيت سنڀالڻ جو ارادو ڪيم ته منهنجن مامن اسان جي ملڪيت تي قبضي ڪرڻ جو پروگرام رٿيو. منهنجي ماءُ به پنهنجن ڀائرن سان ان سازش ۾ شريڪ ٿي ويئي. هڪ ڏينهن مون کي منهنجي گهر مان ڌڪائي ڪڍيائين ۽ منهنجي والد جي سموري ملڪيت پنهنجي ڀائرن جي حوالي ڪري ڇڏيائين. يا امير المومنين! مون سان انصاف ٿيڻ کپي.“ ائين چئي نوجوان اڇي روئڻ ۾ ڇٽڪيو. حضرت علي رضي الله عنه ڪيس دلداري ڏيندي چيو ”تون گهبراءِ نه! مان هينئر جو هينئر ان عورت کي گهرائي فيصلو ڪريان ٿو.“

حضرت علي رضي الله عنه ان وقت ئي پوليس موڪلي عورت کي گهرائي ورتو. حضرت علي رضي الله عنه جڏهن عورت کان ان معاملي بابت پڇا ڪئي ته هن وراڻيو: ”يا امير المومنين! مان شادي ئي ڪونه ڪئي آهي پُٽ وري ڪٿان ايندو؟ ان نوجوان ملڪيت ڦٻائڻ لاءِ اهو ڍونگ رچايو آهي ته مان سندس ماءُ آهيان.“ حضرت علي رضي الله عنه جڏهن شاهدن جي گهر ڪئي ته اها عورت چار شاهد وٺي آئي، جن اچي بيان ڏنو ته اهو نوجوان ڪوڙو ۽ ٺڳ آهي. شاهدن جو بيان ٻُڌي حضرت علي رضي الله عنه نوجوان کي چيو: ”هاڻي ان بابت تون ڇا ٿو چوين؟“ نوجوان غمگين چهرو ڪندي وراڻيو: ”مان خدا جو قسم کڻي چوان ٿو ته اها عورت ۽ سندس شاهد ڪوڙا آهن. اها برابر منهنجي ماءُ آهي.“

حضرت عليؓ نوجوان جو اهو جواب ٻُڌي ڪنڌ جهڪائي جهٽ کن ويچار ڪيو. پوءِ پنهنجي خادم قنبر کي فرمايو: ”قنبر! يڪدم ٻه شاهد ۽ هڪ وڪيل وٺي اچ ته هن عورت جو ان نوجوان سان نڪاح پڙهان.“

حضرت عليؓ جي اها ڳالهه ٻڌي مائي رڙ ڪري چيو ته ”مون سان اهڙو ظلم چو ٿا ڪريو. ڪڏهن ماءُ جو پُٽ سان به نڪاح ٿيو آهي؟“ اهو ٻُڌي حضرت عليؓ عورت کي فرمايو ته ”پوءِ سچي ڳالهه ٻڌاءِ ته معاملو ڇا آهي؟“ عورت وراڻيو ته ”سائين! اصل حقيقت هن ريت آهي ته ڀائرن مون کي حڪم ڏنو هو ته پنهنجي پُٽ کي گهران تڙي ڪڍان ۽ پوءِ اها ملڪيت سندن حوالي ڪريان.“

اهو بيان ٻُڌي حضرت عليؓ عورت کي حڪم ڏنو ته ”وڃ پنهنجي پُٽ کي گهر وٺي وڃ!“ تنهن کان پوءِ حڪم جي تعميل ڪندي اها عورت پُٽ کي گهر وٺي ويئي.

# حضرت علي رضي الله عنه جي سخاوت

حضرت علي رضي الله عنه محنت مزدوري ڪري پنهنجو گذران ڪندو هو. جنهن ڏينهن مزدوري نہ لڳندي هيس تہ ان ڏينهن گهر ۾ بک ڪڏيٽي پوندي هين. هڪڙي ڏينهن جي ڳالهہ آهي تہ حضرت علي رضي الله عنه جن ٻاهران جيئن ئي گهر پهتا تہ بي بي فاطمہ رضي الله عنها کين چيو: ”مان هيءُ سُٽُ ڪَتيو آهي. توهان اهو بازار ۾ وڪرو ڪري ان جي رقم مان اٽو وغيره وٺي اچو تہ جيئن ڪاڌو تيار ڪري سگهجي. حضرت علي رضي الله عنه اهو سُٽُ کڻي بازار ويو ۽ ان کي ڇهن درهمن ۾ وڪرو ڪيائين. پاڻ ٻلارو ان رقم مان اٽو خريد ڪرڻ وارو هو تہ هڪڙي ماڻهو جو آواز ٻُڌائين جيڪو چئي رهيو هو تہ ”آهي ڪو الله جو ٻانهو جيڪو مون کي رب جي نالي تي ڪجهہ ڏئي“. ٻارو! حضرت علي رضي الله عنه توڙي جو غريب هو پر دل جو ڏاڍو سخي هو. سندس سخاوت جو اهو حال هو جو پنهنجي دروازي تان ڪڏهن بہ ڪنهن سواليءَ کي هٿين خالي نہ موٽائيندو هو. حضرت علي رضي الله عنه جڏهن ان فقير جي سين ٻُڌي تہ پنهنجي ضرورت وساري اهي ڇهہ ئي درهم ان کي في سبيل الله ڏيئي ڇڏيائين. فقير اهي درهم وٺي خوش ٿيندو پنهنجي گهر ڏانهن روانو ٿي ويو.

فقير جي وڃڻ کان پوءِ پاڻ الله تعاليٰ جو شڪرانو بجا آندائين تہ انهن چند درهمن جي ڪري هڪ غريب جو ڀلو ٿيو. پوءِ اڳتي وڌيو تہ ڪيس هڪ بدوي مليو جنهن وٽ هڪ خوبصورت ڏاچي هئي. ان بدويءَ حضرت علي رضي الله عنه کي عرض ڪيو تہ ”هيءَ ڏاچي مون کان خريدڪريو.“ تنهن تي پاڻ فرمايائين تہ ”ادا! مون وٽ ايترا پئسا ڪٿان آيا جو تنهنجي ڏاچي خريد ڪريان. ڪنهن ٻئي کي وڃي وڪڻ تہ تنهنجي ضرورت پوري ٿئي.“ اهو ٻڌي بدويءَ چيو تہ ”ٻلارا! ڪنهن کان قرض وٺي ڏيو، جو مان ڏاڍو

ضرورتمند آهيان.“ حضرت عليؓ بدويءَ کان ان ڏاچي جي بها پڇا ڪئي ته هن هڪ سو درهم ٻڌائي. پوءِ اها ڏاچي اوڌر تي خريد ڪري بدويءَ کي چيائين ته ”تون منهنجو انتظار انهيءَ جاءِ تي ڪر. مان هينئر ئي وڃي پئسن جو بندوبست ڪري موٽي اچان ٿو.“

ٿورو پنڌ مس طئي ڪيائون ته ڪين هڪ ٻيو بدوي مليو جنهن حضرت عليؓ کي چيو: ”سائين اها ڏاچي ته ڏاڍي عمدي آهي، جيڪڏهن مان خريد ڪريان ته ان جي ڪيتري قيمت وٺندوءِ؟“ پوءِ فرمايائين ته ”تون ان جي جيڪا قيمت مناسب سمجهين اها ڏيئي ڇڏ.“ بدويءَ کي اها ڏاچي ايتري ته پسند اچي ويئي هئي جو ان پنهنجي خوشيءَ سان ان جا ٻه سو درهم ڏيئا ڪيا. حضرت عليؓ سودو منظور ڪيو. پوءِ اها رقم کڻي پهرئين بدويءَ وٽ آيو ۽ کيس هڪ سو درهم ڏيئي سندس قرض لاٿائين. پوءِ باقي بچيل رقم مان ڪجهه درهمن جو اٽو ۽ ڪاڌي پيتي جو سامان خريد ڪري گهر آيو ۽ بي بي فاطمة الزهراؓ کي ڏاچيءَ وارو قصو ٻڌايائين. بي بي فاطمة الزهراؓ اهو قصو ٻڌي حيرت ۾ پئجي ويئي. تنهن تي حضرت عليؓ فرمايو ته ” ان ۾ حيرت جي ڪهڙي ڳالهه آهي. مان ستن مان مليل رقم الله پاڪ جي نالي تي هڪ فقير کي ڏني. جنهن جي ڪري رب پاڪ مون کي بي شمار نفعو ڏنو.“

# حضرت علي رضي الله عنه جي ديانتداري

حضرت علي ڪرم الله وجهه وقت جو خليفو هو. حضرت علي رضي الله عنه جي ڀاءُ حضرت عقيل رضي الله عنه جي گهر واري هڪ ڏينهن پنهنجي مڙس کي چيو ته ”اسان جو وظيفو (پگهار) تمام گهٽ آهي. مون کي گهرو خرچ جي پورائيءَ لاءِ ڏاڍي ڏکيائي ٿي ٿئي. ڪهڙو نه سٺو ٿئي جو توهان پنهنجي ڀاءُ امير المومنين حضرت علي رضي الله عنه کي چئي ڪري ڪجهه وظيفو وڌرايو، جيئن اها تنگي دور ٿئي.“ حضرت عقيل رضي الله عنه فرمايو، ”تنهنجي ڳالهه ٺيڪ آهي پر بهتر ائين ٿيندو جو هڪ ڏينهن حضرت علي رضي الله عنه کي دعوت ڏيئي گهرايون. جڏهن هو هتي پهچي ته پوءِ تون ان سلسلي ۾ پنهنجو عرض پيش ڪجانءِ.“

ان ڳالهه کان ڪجهه ڏينهن پوءِ حضرت عقيل رضي الله عنه حضرت علي رضي الله عنه کي دعوت ڏني، جيڪا پاڻ خوشيءَ سان قبول ڪيائون. مقرر ڪيل وقت تي امير المومنين حضرت عقيل رضي الله عنه جي گهر پهچي ويو. دعوت کان پوءِ حضرت عقيل رضي الله عنه جي گهر واري نهايت ادب ۽ احترام سان عرض ڪيو ”يا امير المومنين! ماهياني وظيفي گهٽ هئڻ سبب اسان جو گذران ڏاڍي ڏکيائي سان ٿئي ٿو. جيڪڏهن وظيفي کي ڪجهه وڌايو وڃي ته اسان جي تنگي دور ٿي ويندي ۽ ان لاءِ توهان کي دعائون ڪنداسون.“ اهو ٻڌي حضرت علي رضي الله عنه فرمايو ته: ”جيڪڏهن توهان جو وظيفو گهٽ آهي ته پوءِ منهنجي دعوت ڪيئن ڪئي؟“ بي بي صاحبه وراڻيو ”مان روزانو پنهنجي اٽي مان هڪ هڪ مُٺ بچائي ڪري توهان جي دعوت ڪئي آهي.“

”ان جو مطلب اهو آهي ته توهان جو گذران روزانو هڪ مُٺ گهٽ تي به ٿي سگهي ٿو.“ حضرت علي رضي الله عنه نهايت برجستائيءَ سان جواب ڏنو.

ان ڪان پوءِ حضرت عليﷺ پنهنجي ڀاءُ حضرت عقيلﷺ جي روزاني واري راشن مان اٽي جي هڪ مُٺ گهٽائڻ جو حڪم ڏنو ۽ ان سان گڏ اهو پڻ فرمايائون ته ”مسلمانن جي بيت المال مان ايترو اٽو واڌارو ڏيڻ جائز نه آهي. بيت المال منهنجي سنڀال ۾ آهي ۽ ان جي ديانتداريءَ سان ورهاست جو مان ئي ذميوار آهيان. ان بابت قيامت جي ڏينهن مون کان ئي پڇا ٿيندي.“

# وعدي وفائي

عراق ۾ ايران جي وچ واري علائقي جو والي هرمزان هو. جڏهن اسلامي فوج عراق ۾ ايران فتح ڪيو ته جنگين دوران هن اسلامي فوج کي ڏاڍيون تڪليفون ڏنيون ۽ ڪيترائي نقصان پهچايا. ان ڪانسواءِ هن مسلمانن خلاف ڪيئي سازشون پڻ سِٽيون. مطلب ته هو مسلمانن جو وڏو دشمن ۽ ويري هو. مسلمان به کيس ڳوليندا رهندا هئا ته جيئن کيس پنهنجي ڪئي جي سزا ڏجي، پر هو ڪين هٿ نه اچي سگهندو هو. آخرڪار هڪ لڙائيءَ ۾ ڪجهه مسلمان سپاهين کيس گرفتار ڪري ورتو. جڏهن هو مسلمانن وٽ قيد ٿي پيو ته هن ڪين ليلائيندي عرض ڪيو ته "مان هڪ قوم جو سردار آهيان، ان ڪري مون کي قتل نه ڪريو بلڪ پنهنجي خليفي عمر ڏانهن روانو ڪريو جيڪا سزا اهو مقرر ڪري اها مان خوشيءَ سان قبول ڪندس."

مسلمان سپاهي هرمزان کي وٺي مديني شريف پهتا. شهر جا ماڻهو سندس سونو لباس ڏسي حيران ٿيا. حضرت عمرؓ ان وقت مسجد نبويءَ ۾ آرام فرمائي رهيو هو. سپاهي هرمزان کي اوڏانهن وٺي ويا. جڏهن مسجد وٽ پهتا ته هن پڇا ڪئي ته "اوهان جو خليفو ڪهڙو آهي؟" سپاهين اشارو ڪيو ته "هو جيڪو سامهون زمين تي سمهيو پيو آهي، اهو اسان جو خليفو امير المومنين حضرت عمرؓ آهي." اهو ٻُڌي هرمزان ڪاوڙ ۾ اچي چوڻ لڳو ته "مون سان مسخري ڇو ٿا ڪريو؟ آخر مان به ته هڪ قوم جو سردار آهيان. سچ ٻڌايو ته توهان جو خليفو عمرؓ ڪٿي آهي؟" هرمزان جي ڏاڍيان ڳالهائڻ ۽ لُڙ تي حضرت عمرؓ کي جاڳ ٿي ۽ مسلمانن کان لُڙ جو سبب پڇيائين. سپاهين کيس سمورو احوال تفصيل سان ٻڌايو. حضرت عمرؓ هرمزان کان سندس سڀ ڏوهه ۽ حرڪتون پڇيون.

جن جو هن اقرار ڪيو. ان ڪان پوءِ حضرت عمرؓ جلاد کي گهرائي سندس قتل جو حڪم ڏنو. هرمزان قتل ڪان اڳ ۾ پاڻيءَ جي گهر ڪئي. خادم يڪدم پاڻي ڪٽي آيو ۽ پيالو هرمزان کي هٿ ۾ ڏيڻ لڳو. جڏهن هرمزان پيالو وٺڻ لڳو ته سندس هٿ ڏڪڻ لڳا. ان تي حضرت عمرؓ چيس ته: ”گهٻراءِ نه! اطمينان سان پاڻي پيءُ، جيستائين تون پاڻي نه پيئندين توکي قتل نه ڪيو ويندو.“ اهو ٻُڌي هرمزان يڪدم پيالو زمين تي اڇلايو ۽ حضرت عمرؓ کي مخاطب ٿيندي چيو: ”اي مسلمانن جا امير! مان ٻُڌو آهي ته مسلمان وعدي جا پڪا هوندا آهن. هاڻي مان اهو پاڻي ڪڏهن به پي نٿو سگهان، تنهنڪري توهان پنهنجي وعدي مطابق مون کي قتل ڪرائي نٿا سگهو.“

اهو ٻُڌي حضرت عمرؓ نهايت آرام سان وراڻيو ته ”هرمزان مان پهريائين حڪم ڏنو هو ته پاڻي پيءُ ته پوءِ توکي قتل ڪيو ويندو، مگر هاڻي حڪم ٿو ڏيان ته پاڻي پيءُ توکي زنده رکيو ويندو.“ حضرت عمرؓ جو اهو انصاف ڏسي هرمزان ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هڪدم ڪلمو پاڪ پڙهي مسلمان ٿيو.

# هيڻن جو همدرد

ڳالهه ٿا ڪن ته حضرت عمر فاروق رضي الله عنه کي مسلمانن جي ڀلائي جو ڏاڍو خيال هوندو هو. رات جو پنهنجي خادم کي ساڻ ڪري گشت لاءِ نڪرندو هو ۽ پنهنجي سِر وڃي ڏسندو هو ته ڪنهن کي ڪا تڪليف ته نه آهي. هڪ دفعي پاڻ گشت ڪري رهيو هو ته مديني جي ٻاهران هڪ خيمي مان ٻارن جي روئڻ جو آواز ٻُڌڻ ۾ آيو. پاڻ چڱي دير تائين اهو آواز ٻُڌندو رهيو پر ٻارڻ روئڻ کان بس نه ڪئي. اها حالت ڏسي پاڻ خيمي اندر جهاتي پائي ڏٺائين ته هڪ پوڙهي عورت چلهه جي پرسان ويٺي ڪجهه رڌي رهي آهي ۽ ٻارڙا سندس پرسان ويٺا روئي رهيا آهن.

”اهي ٻارڙا ڇو روئي رهيا آهن؟“ حضرت عمر فاروق رضي الله عنه نهايت شفقت سان پُڇا ڪئي. پوڙهي عورت جواب ڏنو ته ”ياءُ! توکي ڇا ٻُڌايان. اهو سڀ ڪجهه خليفي عمر رضي الله عنه جي غفلت لوڙي رهيا آهيون. منهنجا ٻارڙا بکايل آهن، گهر ۾ کائڻ لاءِ ڪجهه به نه آهي. مان ديڳڙيءَ ۾ پاڻي ۽ پٿريون وجهي باهه مٿان رکي ٻارن کي گهيتاري رهي آهي ته توهان کي پَتُ رڌي ڪارايان ٿي.“ اهو ٻُڌي حضرت عمر رضي الله عنه فرمايو ته ”ڀلا عمر رضي الله عنه کي ڪهڙي خبر ته تون هِت بکايل آهين.“ ”ان کي اسان جي حالت بابت ضرور معلومات رکڻ گهرجي، ڇو ته هو اسان جو حاڪم آهي. پي حالت ۾ هن کي حڪومت هلائڻ جو ڪوبه حق نه آهي.“ پوڙهيءَ عورت ٿڌو پهه وراڻيو.

عورت جي اها ڳالهه ٻُڌي حضرت عمر رضي الله عنه يڪدم پنهنجي گهر ڏانهن واپس وريو. بيت المال مان اٽو، گيهه، ڪارڪون ۽ ڪاڏي جون ڪجهه ٻيون شيون ڪٽي هڪ ڳوڻ ۾ وجهي پنهنجي خادم کي چيائين ته ”هن ڳوڻ کي منهنجي مٿان رک.“ خادم عرض ڪيو ته ”اي امير المومنين! توهان ڇو ٿا تڪليف ڪريو، مان اها کڻي ٿو هلان.“ حضرت عمر رضي الله عنه ورندي ڏني ته

”نہ! مان اها پاڻ ڪٽي هلندس. هتي تہ تون منهنجو بار کڻين ٿو. مگر قيامت جي ڏينهن اهو ڪير کڻندو؟“

تنهن کان پوءِ حضرت عمر رضي الله عنه اهو بار کڻي ان عورت جي خيمي وٽ پهتو. پنهنجي هٿن سان کاڌو تيار ڪري بکايل ٻارڙن کي ڏوءِ ڪري کارايائين. ان کان پوءِ خدا تعالىٰ جو شڪر ادا ڪندو پنهنجي گهر ڏانهن واپس وريو.

# حضرت عمر رضي الله عنه ۽ عراق جو قاصد

اسلامي تاريخ ۾ قادسيه جي جنگ تمام مشهور آهي. اها جنگ مسلمانن ۽ ايرانين جي وچ ۾ سن 235 ع ۾ لڳي هئي. ان جنگ جي اهميت جو اندازو ان ڳالھ مان لڳائي سگھجي ٿو جو امير المومنين عمر فاروق رضي الله عنه پاڻ ان جنگ جي اڳواڻي ڪرڻ وارو هو. پر پوءِ بزرگ اصحابن جي خيال مطابق حضرت عمر رضي الله عنه جو دارالخلافت مدينه منوره مان ٻاهر وڃڻ مناسب نه هو. ان ڪري مشورو ڪيو ويو ته حضرت عمر رضي الله عنه کي مديني ۾ رهي ڪري جنگ جي نظرداري ڪرڻ گھرجي ۽ حضرت سعد بن ابي وقاص رضي الله عنه کي سپه سالار ڪري موڪليو وڃي.

حضرت عمر فاروق رضي الله عنه کي ان جنگ جو تمام گھڻو اونو هوندو هو. هو روزانو مديني شريف کان ٻاهر نڪري ويندو هو ۽ عراق کان جنگ جي خبر آڻيندڙ قاصدد جو انتظار ڪندو هو. هڪ ڏينهن حضرت عمر رضي الله عنه ڏٺو ته ڪو ماڻهو عراق جي طرف کان تيزيءَ سان ڏاچيءَ کي ڊوڙائيندو پيو اچي. جڏهن اهو ڏاچيءَ سوار ويجھو پهتو ته حضرت عمر رضي الله عنه ان کان پڇيو: ”ڇا تون سعد بن ابي وقاص رضي الله عنه جي طرفان اچي رهيو آهين؟“ ان قاصد جواب ڏنو ته ”هائو! مان اسلام جي سپه سالار سعد بن ابي وقاص رضي الله عنه جي طرفان اچي رهيو آهيان.“ (ڄاڻڻ گھرجي ته اهو عراقي قاصد حضرت عمر رضي الله عنه کي نه سڃاڻندو هو) حضرت عمر رضي الله عنه ان کي چيو ته: ”او ادا! مون کي قادسيه جي جنگ بابت توکان ڪجھ پڇڻو آهي، مهرباني ڪري ان بابت مونکي سربستو احوال ٻڌاءِ.“ قاصد وراڻيو ته ”منهنجا ڀاءُ! مون وٽ ايترو وقت نه آهي، جو تو کي اهو ٻڌايان؛ ڇوته مون کي جلد مديني شريف ۾ امير المومنين کي حضرت سعد رضي الله عنه جو خط پهچائڻو آهي.“ حضرت عمر رضي الله عنه کيس چيو ته ”چڱو تون پنهنجي ڏاچيءَ تي هلندو ره، مان تو سان گڏ ڊوڙندو به رهان ٿو ۽

احوال ٻڌ پڇندو رهان ٿو.“ قاصد مَس مَس اها ڳالهه قبول ڪئي. پوءِ اهو قاصد ڏاچيءَ کي تيزيءَ سان مديني ڏانهن ڊوڙائيندو ٿي ويو ۽ حضرت عمرؓ ان جي ڪڍ پڇندو ٻڌ ٿي ويو ته ان کان قادسيہ جي جنگ جو احوال ٻڌ پڇندو ٿي ويو. جڏهن قاصد ۽ حضرت عمرؓ مديني شريف ۾ داخل ٿيا ته مسلمانن حضرت عمرؓ کي ”امير المومنين“ چئي مخاطب ٿيا. قاصد کي ان وقت معلوم ٿيو ته جيڪو ماڻهو سندس پٺيان ڊوڙي رهيو آهي، اهو خود وقت جو خليفو حضرت عمر فاروقؓ آهي ته قاصد کي ڏاڍو عجب لڳو ۽ يڪدم ڏاچيءَ تان هيٺ لهي حضرت عمرؓ کي ادب سان مليو ۽ شرمساري ڪندي عرض ڪيائين: ”يا امير المومنين! مان توهان تان قربان ٿيان، توهان مونکي ان وقت ڇونہ ٻُڌايو ته مان ئي امير المومنين عمر فاروقؓ آهيان.“ حضرت عمرؓ ته پهه جواب ڏنو ته ”مان توکي روڪي ڪري ان خوشخبري کي مديني وارن تائين پهچائڻ ۾ دير ڪرائڻ مناسب نہ سمجهيم.“ پوءِ قادسيہ جي فتح جي خوشخبري ٻُڌائي قاصد عراق ڏانهن موٽي ويو.

# حضرت عمر رضي الله عنه ۽ پوڙهيءَ

ٻارو! ڳالهه ٿا ڪن ته حضرت عمر فاروق رضي الله عنه هڪ دفعي رات جي وقت مديني جي گهٽين ۾ گشت ڪري رهيو هو. شهر جي ٻاهرئين چيڙي تي هڪ تنبوءَ ۾ ڪيس هڪ پوڙهي عورت نظر آئي. حضرت عمر رضي الله عنه ان عورت وٽ ويو ۽ کانئس پڇا ڪيائين ته ”پوڙهي امان! عمر رضي الله عنه بابت تنهنجو ڪهڙو رايو آهي؟“ هن ورندي ڏني ته ”خدا عمر رضي الله عنه سان پُڇي! هن جو ۽ منهنجو فيصلو قيامت ۾ خدا وٽ ٿيندو.“ اهو ٻُڌي حضرت عمر رضي الله عنه فرمايو ته ”ڪراڙي امان! عمر رضي الله عنه تنهنجو ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي جو تون مٿس ايترو ناراض آهين؟“ پوڙهيءَ جواب ڏيندي چيو ”عمر رضي الله عنه اڄ ڏينهن تائين مون غريب ۽ بي واهي عورت جي ڪابه سار سنڀال نه لڌي آهي!“ حضرت عمر رضي الله عنه فرمايو ته ”پوڙهي امان! تون پاڻ سوچ ته عمر رضي الله عنه کي ڪهڙي خبر ته هن تنبوءَ ۾ ڪا اهڙي عورت رهي ٿي جنهن کي مدد جي ضرورت آهي؟“ پوڙهيءَ وراڻيو ته ”واه! واه!! هڪڙو ماڻهو ملڪ جو حاڪم هجي ۽ ان کي پنهنجي رعيت جي ڏک درد جي خبر نه هجي!“

اها ڳالهه ٻڌي حضرت عمر رضي الله عنه جي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا ۽ ڏکويل آواز ۾ پاڻ کي چوڻ لڳو ”اي عمر رضي الله عنه! تون کان ته هيءَ پوڙهي به وڌيڪ سياڻي آهي.“ ان کان پوءِ عورت کي چيائين ”پوڙهي امان! جيڪا تڪليف توکي عمر رضي الله عنه کان پهتي آهي، اها مون کي وڪرو ڪري ڏي. جيئن عمر رضي الله عنه قيامت جي ڏينهن ان سزا کان بچي وڃي. تون جيڪا به رقم ان جي عيوض گهرندينءَ اها مان توکي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان.“ ڪراڙيءَ چيو ”چڱو، تون ان جي عيوض مون کي چار سو رپيا ڏي!“ اهي ڳالهيون هلي رهيون هيون ته حضرت علي رضي الله عنه ۽ حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه به اتي اچي پهتا. انهن حضرت عمر رضي الله عنه کي ”يا اميرالمومنين“ چئي سلام ڪيو ته

پوڙهي سمجهي ويئي تہ مارا اهو تہ خود حضرت عمرؓ آهي. جنهن ڪري هوءَ ڏاڍو پريشان ٿي. اها حالت ڏسي حضرت عمرؓ ڪيس دلداري ڏيندي فرمايو تہ ”پوڙهي امان! ڊڄ نہ خدا مون تي رحم ڪري، ان ڳالهہ ۾ تون بلڪل سچي آهين.“ تنهن کان پوءِ حضرت عمر فاروقؓ هڪ ڪاغذ جي ٽڪري تي هن طرح لکيو: ”عمر بن خطاب هن ڪراڙيءَ کان سندس تڪليف ۽ پريشاني جيڪا عمرؓ جي خلافت شروع ٿيڻ کان هن وقت تائين ڪيس پهتي آهي، چئن سون رپين ۾ خريد ڪئي آهي. قيامت جي ڏينهن اها پوڙهي خدا جي آڏو عمرؓ جي شڪايت نہ ڪندي.“

حضرت عليؓ ۽ حضرت عبدالله بن مسعودؓ ان ڪاغذ تي ٻن شاهدن طور صحيون ڪيون. حضرت عمرؓ ان عورت کي چار سو رپيا ڏنا ۽ اهو ڪاغذ پنهنجي فرزند جي حوالي ڪندي چيائين تہ ”هن ڪاغذ کي هٿيڪو ڪري رک. جڏهن مان فوت ٿي وڃان تہ اهو منهنجي ڪفن جي اندر رکي ڇڏجانءِ.“

# پورو ٿيو.